# اُڏند کٽولي

## Udand Khatoli

## ميلارام واسواڻي

گل ڦل آفيس

ڪؤڙومل سنڌي ساهتيہ منڊل

# اُڏند ڪٽولي

هڪ ڳوٺ ۾ هڪ ننڍڙي ڇوڪري رهندي هئي، جنهن جو نالو هو چندا. هڪڙي وڏي ميدان ۾ سندس گهر هوندو هو، جو ٻن ٻاغن ۾ ورهايل هو. هڪ ۾ پاڻ، سندس چاچو ۽ چاچي رهندا هئا ۽ ٻئي ۾ ڳايون ٻڌندا هئا، جن مان کير، مکڻ ۽ ڏڌ ملندو هو.

گهر ڪچو هو، اُن تي گاهه جا ڇپر رکيل هئا. چندا جي گهر ڀرسان ٻيو ڪو به ڪونه رهندو هو. چؤطرف ميدان ئي ميدان لڳو پيو هوندو هو. ساڻس راند روند ڪندڙ به ڪير ڪونه هو. اُن ڪري هوءَ ميدان ۾ اڪيلي راند ڪندي هئي. هن جو ننڍو ڪتو ڪالُو سندس پٺيان پٺيان ڊڪندو هو.

سج لهڻ بعد جڏهن ميدان ۾ اونده ڇانئجي ويندي هئي، تڏهن چندا جي چاچي کيس گهر ۾

سڏ ڪندي هئي. ڪائي ٻي وڙي وڃي هوءَ پنهنجي هنڌ تي سمهندي هئي ۽ صبوح ٿيڻ تي پنهنجي چاچي سان گڏ ٻنين تي هلي ويندي هئي. ڪاٺ جي ٻڪل کيتن ۾ کيس ڊوڙڻ ڏاڍو وڻندو هو. ڪلوءَ سان گڏ سندس سڄو وقت گذرندو هو؛ ڇو ته سندس چاچي ۽ چاچيءَ کي گهڻي ڪم هئڻ سبب ساڻس ڳالهائڻ جي فرصت نه ڪانه ملندي هئي. چاچي سڄو ڏينهن ٻئي گهر جو ڪم ڪندي هئي ۽ چاچو ٻنيءَ ٻاري جي ڪم ۾ مشغول هوندو هو. ڪلوءَ سان چندا مزي ۾ راند ڪندي هئي.

ڪلو ڏسڻ ۾ ڏاڍو وڻندڙ لڳندو هو. رنگ سندس ڪارو هو؛ سڄي بدن تي ڊگها ڊگها نرم وار هئس. سڄو ڏينهن پيو رانديون رونديون ڪندو هو؛ پڇ لٽڪائيندو هو. مات ڪري وڃڻ ته کيس وڻندوئي ڪونه هو.

هڪڙي ڏينهن چندا گهر کان ٻاهر راند ڪري رهي. سانجهيءَ جو وقت هو. آڪاس ۾ ڪارا ڪارا بادل ڦري رهيا هئا ۽ وچ وچ ۾ وڄ چمڪي رهي هئي. چاچو دروازي وٽ ويهي بادلن ڏانهن

نهاري رهيو هو. چاچي رڌڻي ۾ هئي. چندا ڪلو
کي هنج ۾ کڻي دريءَ وٽ کٽ تي ويٺي هئي.
اوچتو هوا ڏاڍي زور سان لڳڻ شروع ٿي.
ٻنهي ۾ اَن جا سنگ تيز هوا سبب زمين سان ٿي
لڳا. چوطرف ڌوڙئي ڌوڙ ٿي ڏسڻ ۾ آئي.
چاچي رڙ ڪري زال کي چيو "تمام زبردست
طوفان ٿو لڳي. ٻن گهر جي سنڀال ڪرڻ مان
گاين ٻڪرن جي سنڀال وڃي ڪريان."

طوفان تمام زور سان لڳو. چاچي رڌڻي مان
چندا کي سڏڻ لڳي. ڪلو ٻچي هن جي گود مان
ٽپ ڏيئي کٽ هيٺان وڃي لڪو. چندا ڪيس
کٽ هيٺان ڪڍي گود ۾ وهاري چاچيءَ ڏانهن اچي
رهي هئي جو گهر اهڙو ته زور سان ڌڏڻ لڳو جو
چندا ڪري پيئي ۽ روئي چاچيءَ کي سڏ ڪرڻ لڳي.
هيڏانهن گهر جو ڌڏڻ جاري هو. طوفان جي
زبردست گهرگهاٽ ۾ سندس روڏن جو آواز چاچيءَ
جي ڪن تي ڪين پيو.

اَن ڪانپوءِ هڪڙي تمام عجيب ڳالهه ٿي. گهر
۾ ٿي چڪر ڪائي آهستي آهستي مٿي کڄڻ لڳو.
چندا کي ائين معلوم ٿيڻ لڳو جڻ ته هوءَ اُڏند

ڪنوليءَ ۾ ويٺي اُڏامي رهي هئي. طوفان ٻن طرفن کان لڳو هو. گهر اُن واچوڙي جي وچ ۾ اچي ڦيرو ڏيئي مٿي اُڏامي رهيو هو. اهڙيءَ طرح چندا مٿي اُڏامندي ٿي ويئي. ڦيريائين نه چندا ڏاڍو ڏکي پر آهستي آهستي ڪيس همٿ اچڻ لڳي. گهر ۾ لوڏا ايندا معلوم ٿي ٿيس. چندا سمجهيو ٿي ته هوءَ پينگهي ۾ لڏي رهي هئي. هوءَ ڪٿ ٿي ڇپ ڇاپ ويٺي رهي. ڪلوءَ کي اچي ٻڌو ورتو. هو پڇ لڪائي پٺون پٺون ڪندو هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳو. اوچتو هڪ ڇالنگ ڏيئي دريءَ وٽ وڃي پهتو. هيٺ ٽپو ڏيڻ لئي ئي هو ته چندا ڊوڙي وڃي ڪيس جهليو ۽ دري بند ڪري ڇڏيائين.

اهڙيءَ طرح ڪيترا ڪلاڪ گذري ويا. هاڻي چندا کي ذرو به ڊپ نٿي ٿيو. هوءَ ويٺي ويٺي سوچي رهي هئي ته جڏهن طوفان بند ٿيندو ۽ گهر هوائي جهاز وانگر ٽڪرو ٽڪرو هيٺ ڪرندو تڏهن ڪهڙو حال ٿيندو؟ متان جڏهن هيٺ ڪرندو ته ٽڪر ٽڪر ٿي پوندو!

چندا وڌيڪ ڪجهه به سوچي نه سگهي.

ڪيترروئِي وقت اُڏامڻ بعد بہ ڪجھہ نہ ٿيو.
چندا جي اها چنتا بہ ويندي رهي. هوءَ ڪٽ تي
ليٽي پيئي ۽ هن ڪالوءَ کي بہ پرمہ ليٽائي ڇڏيو.
گهراچا بہ مٿي اُڏامي رهيو هو. چندا ڪالوءَ کي
ڇاتيءَ سان لڳائي سمهي پيئي.

( ٢ )

اوچتو زبردست ڌڪاءَ اچڻ ڪري چندا جاڳي
پيئي. ڪلوُ بہ ڀؤنڪار ڪري اُٿيو. گهر جو لڏڻ
بند ٿي چڪو هو. چندا اُٿي ڏٺو تہ آڪاس صاف
ٿي چڪو هو ۽ گهرمہ اُس آئي هئي. هوءَ دروازو
کولي ٻاهر آئي. طوُفان کيس ڪنهن نئين
ملڪ مہ وٺي آيو هو. سامهون وڏو گاه سان ڀريل
ميدان هو. طرح طرح جي گلن جو باغ هو ۽ ميون
سان ڀريل ڪيترا وڻ هئا. اُتي جو نظارو تمام
سندر ٿي معلوم ٿيو.
ميون ۽ گلن جا باغ چندا کي ڏاڍا وڻندا هئا.
هوءَ ڦلواڙيءَ ڏانهن نهاري رهي هئي.
اُن وقت هڪ ٻڍي اچي نڪتي، جنهن ڇيس
تہ تون پنهنجي ديس کان هزارين ميل پري
هلي آئي آهين ۽ رستي مہ نديون ۽ پهاڙ آهن.

اُتي پهچڻ جي وات فقط رجب جادوگر کي معلوم آهي، جو ڳاڙهو رڇ رهندو آهي. چندا ڪجهه ميوو کائي ۽ پاڻي پي ٻتايل رستو ورتو.

صبح جي وڻندڙ اُس ۾ آهستي آهستي گاهه تي موتيءَ جهڙيون چمڪندڙ ماڪ جون بوندون سڪڻ لڳيون. ٻه ٽي ڪلاڪ اُس ۾ پنڌ ڪرڻ کري چندا ٿڪجي پيئي. سامهون ڪجهه دور کيس ڪڻڪ جو فصل ڏسڻ ۾ آيو. اُليئي ويهي هن ٿڪ لاهڻ جو خيال ڪيو. ويجهو اچڻ تي ڏٺائين ته ٻنيءَ جي مالڪ پکين ڀڄائڻ جي واسطي گاهه جو ماڻهو ٺاهي هڪڙي بانس جي لڪڙي سان ٻڌي ڇڏيو آهي. مٿي جي جاءِ تي گاهه جي ڳوٿري، مس سان نڪ، منهن، ڪن ۽ ٻيا عضوا ٺاهيا هئائين. اُن کي ڦاٽل پراڻا نيرا ڪپڙا پائي ڇڏيا هئائين. مٿي تي ٽوپي ۽ پيرن ۾ جتي هيس. چندا انهيءَ آدميءَ کي اچرج سان ڏسڻ لڳي. "اڙي! هي ته اکيون ڦيرائي رهيو آهي." چندا وائڙي ٿي ويئي.

هوءَ بانس جي ات وٽ پهتي. ڪلوءَ ڀونڪي ڀونڪي آسمان مٿي کڻي ڏنو. چندا کي پاڻ وٽ ايندو ڏسي گاهه جي ماڻهوءَ چيو "تون خوش ته آهين؟"

چندا جي حيرت جي حد نه رهي. سندس زبان مان نڪري ويو ”اڙي توهان ته ڳالهايو ٿو.“

هن چيو ”مان ڳالهائيندس ڪيئن نه؟ توهان ڪير آهيو؟“

مان چندا آهيان. اتر هندستان جي رهاڪو.

تنهنجو نالو ڇا آهي؟

منهنجو نالو ڪنگو آهي. ڇاڪاڻ ته مان ڪنهن ڳاهه جو نهيل آهيان. مان جنهن ڪان ٿي هتي ٽنگيل آهيان. ڪيترن ڏينهن کان ڪنهن ماڻهوءَ جو منهن نه ڏٺو اٿم. انهيءَ ڪري توکي ڏسي توسان ٻه چار ڳالهيون ڪرڻ تي دل ٿي.“

چندا سوچيو ته هيءَ ته عجب ديس آهي. هتي جون سڀ شيون ڳالهائينديون معلوم ٿيون ٿين. چيائين ”مان طوفان ۾ اڏامي هت آئي آهيان. پنهنجي ملڪ ۾ واپس وڃڻ لاءِ ناراپور دي رجب جادوگر وٽ وڃان ٿي. جيڪڏهن توهان چئين ته توکي لٽ تان هيٺ لاهيان. الٽڪي ٽڪي توهان ٽڪجي پيو هوندين.“

ڪنگوءَ جواب ڏنو ”واه! جيڪڏهن توهان مون کي هيٺ لاهي سگهين ته لڪ ٿورا. هتي ٽنگجي

تنگجي ٽڪجي پيو آهيان.

چندا گهڻو زور لڳائي ڪيس هيٺ لاٿو. گاهه مان ٺهيل ڪنگو تمام هلڪو هو. زمين تي بهي ۽ پنهنجو بدن ڏاهيندي ڪنگو چيو "چندا، ڏاڍو آرام مليو اٿم. سمجهه ته نئين جان ملي اٿم. تنهنجي وڏي مهرباني." ائين چئي هو ساڻس گڏ هلڻ لڳو.

چندا لاءِ ڪنگوءَ جو رنگ ڍنگ سڀ عجيب هو. هن گنڀير ٿي پڇيو "چا، تون مونسان گڏ ڪاراپور ٿو هلين؟"

ڪنگوءَ پڇيو "ڪاراپور ڪٿي آهي؟"

چندا جواب ڏنو "تون هتي جو رهاڪو ٿي به نٿو ڄاڻين؟ وڏي عجب جي ڳالهه آهي."

هن نياز سان چيو "مان اهو سڀ ڪئن ڄاڻندس؟ منهنجي مٿي ۾ ته صرف گاهه ئي گاهه آهي. تو وانگر مونکي دماغ هجي ها ته مونکي به اها خبر هجي ها."

چندا همدرديءَ مان چيس "اها ڳالهه آهي؟ تڏهن ته توکي گهڻي تڪليف ٿيندي هوندي."

ڪنگو ڪجهه وقت ساڻت ۾ رهي چيو "ها، تڪليف ته ضرور آهي. مگر توسان گڏ ڪاراپور

هلان ته رجب جادوگر مونکي دماغ ڏيندو؟"

چندا چيو "مان پڪ سان نٿي چئي سگهان. پر تون مون سان گڏ هل. جيڪڏهن رجب دماغ نه ڏيئي سگهندو ته تون سفر ته ڪري ايندين. هتي چا ويهي ڪندين؟"

"چوين ته سچ ٿي. ته پوءِ مان هلان ٿو. ڏس منهنجا هٿ پير گاهه جا ٺهيل آهن. پر اُن ڪري مونکي ذرو به ڏک نه آهي. اهو ته پاڻ سٺو آهي. مونکي نه ذرو به ايذاءُ نٿو ٿئي. جيڪڏهن منهنجي پير ۾ ڪنڊو چڀي وڃي ته مونکي اصل خبر نه پوندي. ڪهڙي نه سٺي ڳالهه آهي. پر ماڻهو مونکي مورکه ٿا سڏين انهيءَ ڪري مونکي ڏاڍو ڏک ٿو ٿئي. جيڪڏهن مونکي به دماغ هجي ها ته مان به سڀڪجهه سمجهي سگهان ها. ماڻهو مونکي مورکه چو سڏين؟"

ڳالهين ڪندي رستو جلد ۽ آسانيءَ سان ختم ٿي ويو ۽ ٻيو ته هڪ ساٿي هئڻ سبب هاڻي چندا جي دل به پري هئي. پر ڪلوءَ کي نئون آدمي اصل پسند نه هو. هو هر هر ٻؤنڪي رهيو هو.

چندا چيو "تون ڪلوءَ کان نه ڊڄ. هي

صرف ٻوڙنڪندو آهي ڇڪ نہ پائبندو آهي."

ڪنگڻ چيس "نہ. مان هن ڪان ڊڄو بہ نٿو ڊڪان. هو ڳاهہ کي بيٺ پائي موڙنکي ڪجہ نقصان نہ رسائي سگهندو. پنهنجي گوڏي موڙنکي ڏي ڪي مان اڳي ئي ڪٽي هڻان. مٿهنجي هٿن ۽ پيرن ۾ سڙ رڻ ٿيندو آهي. مان ڪنهنجي ڪتي ڪان نٿو ڊڄان، هان صرف هڪ شيءِ ڪان ٿو ڊڄان. ڇا انجي توکي خبر آهي؟"

"ڪون انهيءَ ڪڙميءَ کان ڊڄندو هوندين جنهن لوکي تاهيو آهي."

"اڙي! اُن ڪان ڇو ڊڄندس؟ مان صرف باه ڪان ٿو ڊڄان؟"

هاٿي رستو آهستي آهستي خراب اڇڻ لڳو. ڊچ وچ ۾ ڪڏهن کوٻا اچڻ لڳا. ڪنگڻ اڪثر لوڪرون تي ڪاڏيون. کيس دماغ ڪہ هوئي ڪونہ جو چندا وانگر سنڀالي هاي ڊر کيس چوٽ بہ نٿي لڳي. چوڪہ سڄو بدن ڳاهہ جو ٺهيل هوس. چندا کيس هرگهڙيءَ ڪڏن مان ٻاهر ٿي ڪڍيو ۽ کيس ٿاپا ڪائيندو ڏسي خوب ٿي ڪلندو.

رستي جي ٻنهي پاسن ڪان هاٿي عمدا مڪان

ٻه ٽئي ڏسڻ ۾ آيا. چوڌرف ڳاڙهي ڳاڙهو لڳو پيو هو. ڪٿي ڪٿي ٻه ٽي ڇڄيون نظر ٻه ٽي آيون ته اُهي پڳل ٽٽل ۽ خراب حالت ۾ رسيل هيون. ٻنهي جو ڇندا کي ٻکم لڳي. هڪ ننڍي ندي جي ڪناري ڳوٺڙيءَ ماں ٿول ڪٻي ڪائڻ ويٺي. هن ڪنگوءَ کي ڪجهه ڪاڻ لاءِ آڇيو. پر هن ڪنڌ سان ناڪار ڪندي چيو "مونکي ٻکم نه لڳندي آهي."

ڇندا اڪيلو کائڻ لڳي. ڪنگوءَ چيو "ڪجهه ملڪ جو به حال ٻڌائيندي رهه."

ڇندا پنهنجي چاچي، چاچي، ننڍي گهر جو ۽ طُوفان جو حال ٻڌايو. سڀڪجهه ٻڌڻ ڪانپوءِ ڪنگوءَ چيو "ته پوءِ هن سندر ديس کي ڇڏي اونانهن ڇو ٿي وڃڻ چاهين."

ڇندا جواب ڏنو "توکي دماغ ته آهيئي ڪونه، پوءِ تون اهو ڪئن سمجهي سگهندين؟ چاهي ڪٿي به هججي پر پنهنجو وطن سڀني کان سٺو لڳندو آهي."

ڪنگوُ اُداس ٿي چيو "مان اهي ڳالهيون ان ڪري نٿو سمجهي سگهان جو منهنجي مٿي ۾

صرف ڳاهه ئي ڳاهه پريل آهي." چنڊا ڪيس دلگير ڏسي ڳالهه ڦيرائڻ لاءِ ڪيس چيو "چڱو، هاڻ تون پنهنجو حال ٻڌاءِ."

ڪنگوُ پنهنجو حال ڏيڻ لڳو "مونکي پيدا ٿئي ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن؟ انهيءَ جڳهه ڪانسواءِ دنيا ۾ ٻيو ڇا آهي تنهنجي مونکي ڪابه خبر نه آهي. جڏهن هاري مونکي ناهڻ لڳو تهن سڀني ڪان پهرين منهنجا ڪن ناهيا. انهيءَ ڪري مان سندن ڳالهيون ٻڌي سگهيس. ناهڻ واري هاريءَ پنهنجي ساٿيءَ ڪان پڇيو "دوست! ڪن ڪئن ٺهيا آهن؟" هن چيو "تمام سنا نه ٺهيا آهن." مون پنهنجي دل ۾ چيو "سنا نه ٺهيا آهن ته پوءِ ڇا پر ٻڌي ته سگهان ٿو نه." پهرين هاريءَ چيو "ڏس اکيون ٿو ناهيان." جلدئي مان ڏسڻ لڳس ۽ چوڌطرف نهارڻ لڳس. مونکي تمام گهڻي خوشي ٿي.

اهڙيءَ طرح هڪ ڪري منهن، نڪ ۽ ٻيا عضوا سڀ ناهيا ريا. پوءِ هنن مونکي ڪپڙا پارايا ۽ اليئي ٻنيءَ ۾ تنگي ڇڏيائون. پهرين هاريءَ پنهنجي ساٿيءَ کي چيو "هاڻي پکي هن

کي ڏسي ٻنيءَ مان پڃي ويندا." پوءِ هوُ هليا ويا. منهنجي مرضي به هلڻ لئي ٿي پر منهنجون ٽنگون زمين تي نه پهچي سگهيون. مجبوري هئي. مان لٽڪندو رهجي ويس. اڪيلو هئڻ سبب مونکي ائي ڏرو به مزو نئي آيو. پهرين ته پکي مونکي ڏسي ڊڄي پڃي ويندا هئا پر جڏهن کين معلوم ٿيو ته مان سندن ڪجهه به بگاڙي نٿو سگهان تڏهن هوُ اچي منهنجي بدن تي وهندا هئا.

هوُ پاڻ ۾ چوندا هئا "هاريءَ اسان کي شايد بيوقوف سمجهيو هو. ڀلا اسين هن کان ڪئن ٿا ڊڄي سگهون." مان به لاچار هوس. هٿ پير ٻڌل هئم، نه ته کين مزو ڏيکاريان ها. هنن کي ائين ڪندو ڏسي ٻيا پکي به اچي اَن کائيندا هئا. مون کان نه ڪير ڏرو به نه ڊڄندو هو. بس اهڙيءَ طرح ڏينهن گذرندا رهيا. پوءِ ٿو اچي مونکي هيٺ لاٿو. مونوٽ صرف دماغ جي ڪمي آهي اُهو ملي وڃي ته مان چڱيءَ طرح دنيا ۾ هلي سگهان.

چندا چيو "جڏهن توُن دماغ وٺڻ لاءِ ايترو اُتاولو آهين تڏهن توکي ضرور ملندو. مان رجب

جادوگر کي ڪولاءِ ضرور سفارش ڪنديس."

چندا ۽ ڪلو ڪائي چڪا هئا. ڪاڏي جي ٻوٽري ڪنگوءَ ورتي ۽ ٻئي سڀ هلڻ لڳا. هاڻي رستو اڳ به وڌيڪ خراب اچڻ لڳو. ماڻهن جا گهر ته بلڪل ڏسڻ ۾ نٿي آيا. پاڇولا لڙيا هئا، جو هڪ خوفناڪ جهنگل ۾ پهتا. اهي جا وڻ اهڙا ته گهاٽا هئا جو سج جا ڪرڻا اندر جهنگل ۾ پهچي نٿي سگهيا پوءِ آسمان ڪئين ٿو ڏسي سگهجي. پر چندا بيٺي ڪئين ٻيلي ۾ اندر لنگهي وئي، ڪيس نه پنهنجي گهر پهچڻو هو.

ڪنگوءَ چيو "جيڪڏهن رستو بن اندر ويو آهي ته ٻاهر به نڪتو هوندو. هن رستي ڪان تارهو ر وِنڻو آهي ته اسين ضرور هن رستي ڪان اڳتي پهچنداسين."

چندا چيو "هيءَ ڪو ڪهڙي نئين ڳالهه ٻڌائي؟ اهو ته سڀ ڄاڻن ٿا." ڪنگوءَ جواب ڏنو "انهيءَ ڪري ته مان به ٻڌائي ٿو سگهان. جيڪڏهن ويچار ڪري ٻڌائڻو پوي ها ته پوءِ ڪئين ٻڌائي سگهان ها."

ٻيلي ۾ گهور انڌيرو هو. چندا کي ڪجهه به

ڏسڻ ۾ نٿي آيو پر ڪنگڙو کي چڱيءَ طرح ٿي ڏسڻ ۾ آيو. چندا ڪنگڙوءَ جو هٿ جهلي هلڻ لڳي ۽ کيس چيائين ته ”ڪٿي لوسڻ جي جاءِ ڏسڻ ۾ اچيئي ته ٻڌائجانءِ. رات اُتيئي رهنداسين.“

ٿوري ديري هلڻ کانپوءِ ڪنگڙوءَ چيو ”ويجهو ڪي ڪاٺ جو ننڍڙو گهر ڏسڻ ۾ اچي ٿو. اُتي هلندينءَ؟“

چندا چيو ”ها، ضرور اوڏانهن هل. مان ٿڪجي پيئي آهيان.“ اُن گهر اندر ويا. اُتي ڪير به نه هو. فقط سڪل پنن جو هڪڙو بسترو وڇايل هو. چندا اُتي ليٽي پيئي ۽ ننڊ اچي ويس. ڪانءُ به سندس ويجهو سمهي پيو. ڪنگڙوءَ کي ته سمهڻ جي ڪا به ضرورت نه هئي. اُنهيءَ ڪري هو ماٺ ڪري سڄي رات هڪ ڪنڊ ۾ پهرو ڏيندو رهيو.

(۳)

صبوح جو جڏهن چندا جون اکيون کليون تڏهن سج چڱيءَ طرح نڪري چڪو هو. وڻن جي پنن تي ڪرڻا پئجي رهيا هئا. تمام سٺو نظارو

هو. ڪلوُ پکين جي پٺ وٺندو ڪل ڦل ۾ ساڻن
راند ڪري رهيو هو. ويچارو ڪنگوُ ساڳي طرح
ڪنڌ ۾ ويٺو هو. چندا اُٿندي چيو "ڪٿان پاڻي
ڳولي آڻڻ گهرجي."

ڪنگوُ پڇيو "ڇو، پاڻي ڇا ڪندين؟"

"پاڻي ڇا ڪنديس؟ هٿ منهن ڌوئنديس.
روٽي کائڻ کانپوءِ ڳلو سڪي ٿو لڳهن ڇا پاڻي
جي ضرورت نہ ٿيندي آهي؟" چندا پڇيو.

ڪنگوُ چيو "ماڻهوءَ کي گهڻي ئي خفا سهڻا ٿا
پون. کائڻ، پيئڻ، سمهڻ ۽ هٿ منهن ڌوئڻ،
وڏا جهنجهٽ آهن. توهان ماڻهن کي دماغ
آهي انڪري اهو سڀ سونهين ٿو."

ٿورو وقت ڳولا ڪرڻ کانپوءِ هڪڙي ننڍي
ندي ڏسڻ ۾ آئي. چندا هٿ منهن ڌوئڻ وري
ٿول کائڻ لاءِ ويٺي رهي. کائي گرڙي ڪري وري
پنڌ پيئي.

جهنگ جو رستو ختم نہ ٿيو. پيچرو گاهه سان
ڍڪجي ويو هو، جنهنڪري تمام ڏکيائيءَ سان
سڃاڻو ٿي ويو. ڪنگوُ تہ ڪيترائي دفعا ٿي ڪريو.
جنهنکي هر دفعي ٿي چندا ڪنيو.

هاٿ بن اهڙو ڏه گهاٽو ۽ اونداهو ٿيو جو ڏينهن به رات ٿي سمجهڻ ۾ آيو. پکين جو آواز به نٿي ٻڌڻ ۾ آيو. وچ وچ ۾ خوفناڪ جانورن جا آواز به ٿي ٻڌڻ ۾ آيا. چندا آواز ٻڌي ڏڪي ٿي ويئي ۽ ڪلوءَ به پڇ لڪائي ساٿس گڏ هلڻ ٿي لڳو.

اُن وقت پرواري جهنگلي مان هڪ زبردست گجگوڙ ٻڌڻ ۾ آئي. هڪڙو شينهن ڇلانگ ڏيئي ٻاهر آيو. شينهن ڪنگوءَ کي پنهنجو چنبو هڻي نالي جي ٻيءَ پر ڦٽو ڪيو.

اُنوقت ڪلوءَ ڏاڍي همت ڏيکاري. هو پوءِ پون ڪندو شينهن ڏانهن ڊوڙيو. هن کي ڏسي پلا شينهن ڪٿي ٿو ڊڄي؟ شينهن ڪلوءَ کي گرڪائڻ لاءِ اڳتي وڌيو. چندا ڏٺو ته هاڻي ڪلوءَ جو خير ڪونهي. هوءَ ڪجهه به وڌيڪ نه سوچي سگهي، ڊوڙي وڃي شينهن کي نڪ تي زور سان ڏڪ هنيائين ۽ رڙ ڪري چيائين "بدمعاش ڪتي جو. ڪلوءَ کي کائڻ هليو آهي. خبردار پري ٿيءُ. منهنجو ڪلو ڏاڍو هيندو. هيڏو وڏو ٿي هڪڙي ننڍي ڪتي کي مارڻ آيو آهين. توکي شرم نٿو اچئي."

شينهن پنهنجي چنبي سان نڪ کي زور ڏيندي چيو "مان ڪيس ڪاڻ ڪٺي ٿي ويس. مون کيس ڪٺي چڪ پاتو آهي؟"

چندا جي ڪاوڙ اجا پري نه ٿي هئي. هن خارن ۾ چيو "چڪ ڪونه پاتئه؟ پرچڪ پائڻ ته وئين ٿي نه. منهنجو نڪ ڪاڻي چڪ نه پاتئه. بڇڙو ڪٺي جو."

شينهن گردن جهڪائي، چيو "بڇڙو ته مان ضرور آهيان. منهنجو اهو مرض ڪئن وڃي؟ ڪو اُپاءُ ٻڌائي سگهندين؟

شينهن جي اهڙي حالت ڏسي چندا جو غصو ويندو رهيو. هن شانتيءَ سان چيو "مونکي ته ڪنهن به اُپاءَ جي خبر نه آهي. پر تو ڪنگوءَ کي اهڙي زور سان چنبو ڇو هنيو؟ هو ته ڳاهه جو نهيل ماڻهو آهي."

"ڳاهه جو نهيل آهي؟ شايد انهي ڪري هو ايترو سؤلائي سان پري وڃي ڪريو آهي. مون ته زور نه لڳايو هو."

چندا ڪنگوءَ کي سڌو ڪري ٻهاريو.

شينهن کي دکي ڏسي چندا کي قياس پيو. هن

پڇيو ”ڪير ايترو بڇڙو ڪئن ٿيو آهين ؟“

”اها خبر نہ اٿم تہ مان بڇڙو ڪئن ٿيو آهيان. شايد جنم کان ئي آهيان. مان جانورن جو بادشاھ آهيان ۽ سڀ مونکي وڏو بهادر ٿا سمجھن پر آهيان مان وڏو بڇڙو. جيڪڏھن هنن کي خبر پئجي وڃي تہ مان بڇڙو آهيان تہ ٻن ڏينهن ۾ ئي ٽڪرا ٽڪرا ٿيو پيو هجان.“ ائين چئي شينهن زار زار روئڻ لڳو.

اها حالت ڏسي چندا ڪجھہ وقت ڏانهس نهاريندي رهي. ڪنگڻ چيو ”پر اها ڪا مٿي ڳالهہ نہ آهي. جانورن جو راجا همٿ رارو هئڻ گهرجي.“

پنهنجي پڇ سان اکيون اُگهندي شينهن چيو ”اهو تہ مان بہ ڄاڻان ٿو، انهيءَ ڪري منهنجي من کي آرام نہ ٿو ملي. ڇا ڪريان؟ توهين ٻڌايو. ذري آفت اچڻ تي منهنجي ڇاتي ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي ٿي.“

ڪنگڻ ڪنڌ ڌوڻي چيو ”هون! ان مان معلوم ٿو ٿئي تہ تنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڪو روڳ آهي.“

شينهن چيو ”ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ پوءِ ڪنهن ڊاڪٽر کي ڏيکاريان.“